نئين

# جامع سنڌي لغات

## جلد ٻيو (ج - ڦ)

تحقيق ۽ تصنيف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

نئين

# جامع سنڌي لغات

جلد ٻيو (ج-ق)

تحقيق ۽ تصنيف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (305)

ٻئي ڇاپي جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# نئين جامع سنڌي لغات (جلد ٻيو ’ج-ق‘)

تحقيق ۽ تصنيف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڇاپو: پهريون: 2005ع، ٻيو: ڊسمبر 2017ع

ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ، محمد رمضان ترڪ

ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو

تعداد: 1000

قيمت: 800/= روپيا

ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سو سالا سالگرهه جي مناسبت سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي خاص اشاعت

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Baloch N.A. Dr
New Comprehensive Sindhi Dictionary -II
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-134-7

New Comprehensive Sindhi Dictionary-II

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch |
| Edition: | 1st: 2005, 2nd: 2017 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | 800/= |
| Composed by: | Hussain Ahmed Memon & M. Ramzan Turk |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Shakeel Packages, Nazimabad Karachi, Sindh. |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

# ناشر پاران

لغت نويسي هڪ اڻ کٽ عمل آهي، جيڪو ڪنهن بہ سڌريل ۽ ادبي ٻوليءَ جي زنده رهڻ تائين جاري رهندو آهي. ٻولين جا هڪٻئي سان رابطا ۽ نيون ايجادون نوان لفظ ۽ اصطلاح کڻي اچن ٿيون. ٻولين ۾ وقت گذرڻ سان ضرورت موجب ڪي نوان لفظ ۽ اصطلاح پيدا ٿيندا رهندا آهن ۽ ڪي وري متروڪ ٿي هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا آهن. اهو هڪ مسلسل عمل آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪي صديون سال گذرڻ کان پوءِ ٻوليءَ ۾ وڏا فرق محسوس ٿيندا آهن ۽ انهيءَ فرق کي تاريخي يا ڪلاسيڪل درجابنديءَ ۾ آندو ويندو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پهريون دفعو 1940ع ۾ تعليم کاتي کي هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ سنڌي۔ سنڌي لغت جي تياريءَ جي حوالي سان تفصيلي ڳالهہ ٿيل هئي. اها ئي رٿا بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڊاڪٽر بلوچ جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ڪرائي وئي ۽ گڏ ڪيل مواد کي بلوچ صاحب ايڊٽ ڪري پنج جلد تيار ڪيا جيڪي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايا ويا هئا.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سال 2004ع ۾ جامع سنڌي لغت جو ايڊٽ ٿيل مواد ٽن جلدن ۾ ڇپرايو ويو هو جيڪو ڊاڪٽربلوچ ٻيهر ايڊٽ ڪيو هو ۽ ان ۾ اهم واڌارا سڌارا ڪري هنن ٽنهي جلدن کي نئين سر ترتيب ڏنو هو.

اهي ٽئي جلد ڇپجڻ بعد ڪجهہ سالن ۾ ئي ختم ٿي ويا ۽ پوءِ ڪيترن ئي اديبن، ليکڪن، شاگردن توڙي استادن ۽ عام ماڻهن طرفان مسلسل طلب ٿيندي رهي تہ اهي ٽئي جلد جيڪر ٻيهر ڇپرائي پڌرا ڪيا وڃن تہ بهتر ٿيندو.

هن ڪم کي ٻيهر ڇپرائڻ ممڪن ٿي نہ سگهي ها جيڪڏهن ڊاڪٽر اين. اي بلوچ فائونڊيشن طرفان انهن جلدن جي ڇپائيءَ لاءِ لکت ۾ اجازت نہ ملي ها. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اهي ٽئي جلد ڊاڪٽربلوچ صاحب جي سؤ سالا سالگرهہ جي حوالي سان ڇپرائي پڌرا ڪيا ويا آهن. هي ان سلسلي جو پهريون جلد آهي. اسان کي يقين تہ هي لغت هميشہ وانگي سنڌواسين لاءِ هڪ انمول تحفو هوندي.

پرفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

15 نومبر 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

باسمہ تعالیٰ

# مهاڳ

## (جلد ٻيو)

پهريون جلد (ا_ج) نظرثاني ۽ تصحيح سان سنہ 1425ھ/ 2004ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان ڇپيو. ان جي مهاڳ ۾ اصل رٿابندي موجب تيار ڪيل 'جامع سنڌي لغات' ۽ جنهن اها سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿي ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ ٻيهر تصحيح ۽ تنقيح سان هن نئين اشاعت جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. وڌيڪ مطالعي لاءِ پهرئين جلد وارو تفصيلي مهاڳ ڏسڻ گهرجي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري هن نئين جامع سنڌي لغات جي طباعت ۽ اشاعت جي ذمہ داري کنئي آهي. اهو ڪم آهستي هليو آهي پر هلندو رهيو آهي، جنهن ڪري هڪ سال جي اندر هي ٻيو جلد اشاعت لاءِ تيار ٿيو آهي. اميد تہ طباعت جو ڪم وڌيڪ تڪڙو هلندو ۽ جلد ٽيون بہ عنقريب شايع ٿيندو.

هن ٻئي جلد ۾ درستين تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي ۽ ڪن لفظن ۽ معنائن جو اضافو ڪيو ويو آهي.

پهرين جلد وانگر هن ٻئي جلد جو ڪمپوزنگ ۽ پروف ريڊنگ جو انتظام اداري طرفان ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ آءٌ شڪرگذار آهيان. محترم مختيار احمد بلوچ جنهن پهرئين جلد جا پروف پڙهيا تنهن هن ٻئي جلد جا پروف پڙهيا آهن ۽ ويندي ڇپائي کان اڳ واري مرحلي تي بہ درستيون ڪيون آهن. اميد تہ انهيءَ احتياط سان نئين جامع سنڌي لغات جو هي ٻيو جلد صحيح صورت ۾ ڇپجي ناظرين جي سامهون ايندو.

خادم العلم
نبي بخش

علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ – 71000
11 سيپٽمبر 2005ع

# ح

- **ح**: ث. [ع] سنڌي "الف ب" جو سترهون. عربي "الف بي" جو ڇهون اکر. (اُچار: حائي حُطِي) ابجد موجب عدد اٺ. عِلمِ نُجوم موجب هن جي شڪل بُرج قَوس جهڙي آهي.
- **حاتِمُ**: اسم خاص. [ع. حَتَمَ = فيصلو ڪيو] عربستان جي هڪ مشهور سخي مرد جو نالو. سخي – داتا – تمام گهڻو سخي.
– **حاتم جي قبر کي لت هڻڻ**: حاتم کان به وڌيڪ سخي بڻجڻ (ٽوڪ).
– **حاتم طائي**: اسم خاص. حاتم جيڪو سخي مرد مشهور آهي اهو "طيء قبيلي" جو سردار هو. انهيءَ ڪري کيس حاتم طائي (يعني طيء قبيلي وارو حاتم) ڪري سڏيندا آهن.
- **حاجَ ج حاجُون**: ث. [عُ. حَاجَة جو مُخَفف] حاجت. احتياج – گهرج – ضرورت – طلب – مُدّعا – خواهش.
– **حاجَ لاهڻ، حاجَ لاهي ڇڏڻ**: سيڪت ڏيڻ.
– **حاجَ هُجڻ**: اڄا ٿورو ڪم رهيل هجڻ. ٿوري حاج رهجي وڃڻ.
- **حَاجُ**: ذ. صفت. [ع. حَجَّ = حَجُ ڪيو] حَجَ ڪرڻ وارو – حاجِي. زيارتي.
- **حاجِبْ ج حَاجِبْ**: ذ. صفت. [ع. حَجَبَ = هن روڪيو] دربان – نگهبان – چوبدار – چوڪيدار – پاسبان – داروغو. پرده دار. خدمتگار – خادم. اک جو ڀرُون – ابرُو.
- **حاجَت ج حاجات**: ث. ضرورت – غرض – مطلب – گهرج – ڪاڄو – احتياج. قسوَت – خواهش – چاهه. جاءِ – برابري – پڄڻ جي جاءِ – پُڄت. جيئن چئجي: "ڪنهن جي به هن سان حاجت نہ آهي وغيره". ڪم آرزو – اُميد – آس – تَمنّا – مُراد – اِلتجا – نيازمندي.
– **حاجَتَ بَرْآرِيْ**: ث. [حَاجَتْ + بَرْ + آوردن = ضرورت پوري ڪرڻ] ڪنهن جي ضرورت پوري ڪرڻ جي حالت.
– **حاجَت خواهه**: ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ سوال ڪرڻ وارو – سوالي – سائل – محتاج.
– **حاجَت رَفَعَ ڪرڻ**: ڪنهن ڪم جي پوئواري ڪرڻ. ضرورت پوري ڪرڻ. ڪاڪوس ڪرڻ.
– **حاجَت رَوا**: ضرورت پوري ڪرڻ وارو.
– **حاجَتَ رَوائي**: ث. [حاجت + روائي = ضرورت پوري ٿيڻ] ضرورت جي پورائي – مطلب جي تڪميل. مُشڪل ڪشائي – ضرورت پوري ٿيڻ واري حالت.
– **حاجَتَ ضَرورِي**: ث. ضروري ڪم (خاص ڪري ڪاڪوس جو خيال).
– **حاجَتْمَنْدُ**: ذ. صفت. [ف. حاجت + مند] گهُرجائو – ضرورت وارو – غرض مند – خواهش مند – آساوند – اُميدوار. مُحتاج – مُفلس – تنگدست – تنگ حال – ٻڪيو – سُڃو – ڪنگال.
– **حاجَت مَنْدِي**: ث. [حاجَتْ + مَنْدي] ضرورت – گهرج – طَلَب – احتياج – غرض – مطلب.
– **حاجَتِي ج حاجَتِي**: ذ. صفت. حاجت وارو – گهُرجائو – ضرورتمند – حاجتمند – عرضمند – آسائو. بيمار لاءِ کٽ يا پلنگ وٽ پيشاب ڪرڻ لاءِ رکيل ٿانءُ.
- **حاجِيْ ج حاجِيْ – عربيءَ ۾ ج حُجاجُ**: ذ. [ع. حَاجِيْ] ڏسو "حَاجُ". حَجَ ادا ڪرڻ وارو – حَج ادا ڪري آيل مسلمان – زيارتي – پانڌيئڙو – مسافر. بُزرگ – ڀلارو (ث. حاجِياڻي ج حاجِياڻيُونْ).
- **حاجِيْ الْحَرمَيْنِ**: ذ. صفت. ٻن حَرَمَنْ يعني مڪي ۽ مديني جي پاڪ جاين جي زيارت ڪري اچڻ وارو (هر هڪ حاجي مڪي ۾ ڪعبة الله جي زيارت ڪانپوءِ يا اڳ. سهولت آهر مديني مُنوره ڏي ويندو آهي).
- **حاجِي پوٽا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه. حيدرآباد ۽ سکر ضلعي ۾).
- **حاجِي پُور**: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **حاجِي خانُ**: اسم خاص. ضلعي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو (حاجي خان لغاري جي نالي سان).
– **حاجِيڙو (ڪ)**: ذ. وڻ جو هڪ قسم (ٻيٽر جهڙو).
- **حاجِي شاهُ**: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **حاجِي ڪَرَم عَلي**: اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **حاجِي ڪورائي**: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **حاجِياڻا**: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **حادِثْ**: صفت. [ع. حَدَثَ = ٿي پيو] نئين طرح وجود ۾ اچڻ وارو – نئون پيدا ٿيل – نئين شيءِ جا اڳ ۾ وجود ۾ نہ هجي – هاڻي شروع ٿيل – جديد – تازو. فنا ٿيندڙ (جيڪا شيءِ وجود ۾ آندي ويئي آهي، اها لازمي طور فنا ٿيڻ واري آهي). زوال کي پهچندڙ – فاني. ڪِنايةً "مخلوق" (يعني جيڪا شيءِ خلقي ويئي، آهي جهڙوڪ: زمين. آسمان. انسان. حيوان وغيره) – قديم جو ضِدَ.

• حُسام: ث. [ع. حَسَمَ = هن ڪپيو - هن محروم ڪيو] تيز خنجر - ترار - تلوار - شمشير - سرواهي.

• حَسّانُ ج حَسّانَ: ذ. [ع. حَسُنَ - هو موچارو ٿيو - هو سهڻو ٿيو] تمام سٺو - بهتر. عقلمند. (اسم خاص). حضرت حسّان بن ثابت انصاري حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ڪچهريءَ جو شاعر ۽ سندن مدح خوان.

• حَسْبُ: ظرف. [ع.] موجب - مُوافق - ڪافي - سارو - پٽاندر - مطابق. جي سبب - جي ڪري. ان موجب - تنهن ڪري - تنهن موجب.

– حَسْبِ اِتّفاق: ظرف. اتفاقاً - اوچتو - ناگهان - اتفاق سان - جنهن جو توقع يا امڪان نہ هجي.

– حَسْبِ اِرْشاد: ظرف. حڪم موجب - ارشاد پٽاندر - چوڻ سارو.

– حَسْبُ الْاَمر: ظرف. حڪم موجب - چوڻ موجب - حڪم سان.

– حَسْبُ الْحُڪْم: ظرف. حڪم موجب - حڪم مطابق.

– حَسبُ الْمُراد: ظرف. مرضيءَ يا خواهش موجب.

– حَسْبِ توفيق: ظرف. پنهنجي حيثيت آهر. پڄنديءَ سارو. خدا جي هدايت موجب.

– حَسْبِ حَال: ظرف. حال سارو. وقت سارو. قاعدي موجب - حالت پٽاندر.

– حَسْبِ دَسْتُور: ظرف. دستور موجب - قاعدي موجب. اڳئين وانگر. هميشه وانگر - هلي چلي موجب.

– حَسْبِ ذَيل: ظرف. هيٺئين موجب - هيٺ لکيل موجب - هيٺئين احوال موجب - جيئن تہ - جهڙوڪ.

– حَسْبِ ضابطہ: ظرف. قاعدي موجب. ضابطي موجب - قانون مطابق - دستور موجب - حسب دستور.

– حَسْبِ عادَتْ: ظرف. عادت موجب - دستور موجب - عام رواج موجب.

– حَسْبُ فَرْمائِش: فرمان موجب - فرمان مطابق.

– حَسْبِ قاعِدَہ: ظرف. قاعدي موجب - قانون مطابق - حسب دستور.

– حَسْبِ قانُونُ: ظرف. قانون موجب - قاعدي موجب - حسب دستور.

– حسب مَعْمُول: ظرف. حسب دستور - عام دستور موجب - عام طرح - معمول موجب.

– حَسْبِ مِقدارُ: ظرف. حيثيت موجب - حيثيت آهر - پُڄت سارو - طاقت آهر - وَس آهر.

– حَسْبِ مَنْشا: ظرف. خواهش ۽ ارادي موجب - تمنّا موجب - حسب مراد - دل جي گھُر مطابق.

• حَسَبَ ج حَسَبَ: ذ. [ع. حَسَبَ = هو شريف زادو ٿيو] شجرو - ڳڻپ - شمار - انداز. خاندان جو سلسلو - خانداني شجرو - اصل نسل - نسب - بيڙهي. نک - ذات - پاڙو - قبيلو - طريقو - عزّت - مان شان - لياقت - درجو.

– حَسَبُ نَسَبُ: ذ. خانداني سلسلو - بُڻ بنياد - ذات پات - اصل نسل شجرو - ڪُڙم - قبيلو - نک. ڏاڏانڪو ۽ ناناڻڪو (بنياد).

• حَسَدُ ج حَسَدَ: ذ. [ع. حَسَدَ = هن ساڙ ڪيو] بدخواهي - مَنَ گھرائي - وروڌ - وير - دشمني - عداوت - ٻيائي. ساڙ - ڇِڄ - ڪاڻ - زنگ - جَلن.

– حَسَدُ رَکَڻُ: دشمني رکڻ - سڙڻ - ڇڄڻ - جَلڻ - نہ سهڻ.

• حَسْرَتَ ج حَسْرَتُون: ث. [ع. حَسِرَ = هن ڏُڏُو ساهُ کنيو] کنهن شيءِ نہ ملڻ جو افسوس - پشيماني - پڇتاءُ - ندامت - شرمندگي - ارمان - غم. اُميد - آرزو - تمنا - شوق - سَڌَ - چاهُ - هَوَسَ - اُتساهہ.

– حَسْرَتْ آلُودُ: ذ. صفت. غم وارو - غمگين - ارمان ڀريو - وڏي افسوس وارو.

– حَسْرَتْ اَنْگيز: ذ. صفت. حسرت اُڀاريندڙ - ارمان پيدا ڪندڙ.

– حَسْرَتْ باقِي رَهَڻ: ارمان رهجي وڃڻ - دل ۾ رهجي وڃڻ.

– حَسْرَتْ ڀريو: ارمان وارو - شوق سان ڀريل.

– حَسْرَتْ ڀرِيُون نِگاهُون: ڏک ۽ ارمان سان ڀريل نگاهون.

– حَسْرَتْ پُوري ڪرڻ: دل جو ارمان ڪڍڻ - خواهش يا آرزو پوري ڪرڻ.

– حَسْرَتْ جُون هُنجُون هارِڻُ: رنج ۽ غم جو اظهار ڪرڻ. پنهنجي قسمت کي روئڻ - ناڪاميابيءَ جي شڪايت ڪرڻ.

• حَسْرَتْ زده: ذ. صفت. غم جو ماريل - ڏک ڀريل.

• حَسَنْ: ذ. صفت. [ع. حَسُنَ = موچارو ٿيو] سٺو - چڱو - ڀلو - عمدو - سهڻو - خوبصورت. (اسم خاص). حضرت عليءَ (ع) جن جي فرزند ارجمند جو نالو. جن جي وفات زهر ملڻ سبب ٢٨ صفر ۴٧ هجريءَ ۾ ۴٧ ورهين جي ڄمار ۾ ٿي.

– حَسَنِي: ذ. صفت. حضرت امام حسن (ع) جن جو اولاد.

• حُسْنُ ج حُسْنَ: ذ. [ع. حَسُنَ = هو موچارو ٿيو] چڱائي - ڀلائي - سٺائي - خوبي - عُمدگي. خوبصورتي - سهڻائي - ملوڪائي - جمال - سوڀيا - سونهن - جوڀَنُ - رُوپ - سندرتا - دلربائي. نزاڪت - زينت - رونق - رنگ - سينگار.

– حُسْن آرا: سونهن وڌائڻ واري - حسن جو شان وڌائڻ واري.

– حُسْنِ اَخْلاقُ: لڇڻ جي خوبي - سٺا لڇڻ.

– حُسْناڪُ: ذ. صفت. حُسْن وارو - سُهڻو - ملُوڪ - سُنْدَر. "عبداللطيف چئي پرين اسان جو هميشه آ حسناڪ" (شاهہ).

– حُسْنِ اِنْتِظامُ: بندوبست جي خوبي - سهڻو بندوبست.

بدخواهه -- مغرور -- شوخ -- گستاخ، پريشان -- حيران.

– **خيرگي**: ث. اکين اڳيان انڌاري -- اونداهه -- ڪاراڻ -- پريشاني -- عداوت وير.

• **خَيرِيُ**: ذ. [ع] ٻوٽي، جو هڪ قسم.

• **خَيرپجاڻ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **خيزُ**: ذ. امر [ف. مصدر: برخاستن = اٿڻ] اٿ -- کڙو ٿيءُ. صفت. اُٿاريندڙ -- پيدا ڪندڙ. (مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ. جيئن "زرخيز. مردم خيز وغيره") -- اٿڪ -- ٽپو -- ڇال -- ٻِڏ -- ڇلانگ -- ٻُل. جيئن: "ڏيان خيزُ خزان ۾، ٻي تومنجهه ٻهار" (شاهه).

• **خيزران**: ذ. [ف] وڻ جو هڪ قسم. بيدُ -- نيٽُه.

• **خَيْلُ**: ذ. [ف. ع] گهوڙو -- گهوڙيسوار -- سوار. سوارن جو جنگي رسالو. فوجي سوار. جماعت -- پارٽي -- ميڙ -- انبوهه -- ٽولو.

• **خِيمو ج خِيما**: ذ. [ع. خيمهٔ] تنبو -- وڏو تنبو -- ڪيمو -- شاميانو -- سائبان. ڪپڙي جو ٺهيل گهر.

• **خِيما کوڙڻ**: تنبو کوڙڻ -- منزل ڪرڻ -- رهائش اختيار ڪرڻ.

– **خَيمَهٔ**: ذ. [ع] خيمو -- تنبو.

– **خَيمَهٔ دوزُ ج خِيمَهٔ دوزَ**: ذ. صفت. تنبو سبندڙ يا تيار ڪندڙ -- خَيامُ.

– **خَيمَهٔ گاهُ ج خِيمَهٔ گاهَ**: ذ. منزل ڪرڻ جي حد تنبن واري جاءِ تنبن کوڙڻ واري جاءِ.

# ڙ

• ڙ: اسم مونث. هندي جو پندرهون ۽ سنڌي جو چوويهون اکر آهي. گهري هجڻ ڪري ڪنهن به لفظ جي شروع ۾ نه ايندو آهي. باقي وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

– **سُوْرُ پيڻُ:** ڪاوڙ جهلڻ – غم سهڻ – تڪليف برداشت ڪرڻ.

– **سُوْرَجَڻُ (ت):** دردمند ٿيڻ – ڏکارو ٿيڻ – ڏجهارو ٿيڻ – غمگين ٿيڻ – دردي ٿيڻ – سورائتو هجڻ.

– **سُوْرُ ڏَڪاءُ (ت):** ذ. فوت ٿيل جي قبر تي ٽي ڏينهن ساندهه وڃي ختمو درود ڪرڻ جي رسم.

– **سُوْرُ سِراندي ٿيڻ:** ڏک آڏو ٿيڻ – مصيبت ۾ ڦاسڻ – غم ۾ گرفتار ٿيڻ – مشڪلاتن ۾ پوڻ – دردن ۾ ڦاسڻ.

– **سُوْرَ طَبِيْبُ ج سُوْرَ طَبِيْبَ:** ذ. سور جو طبيب ـ سُورَ لاهڻ وارو – درد دفع ڪرڻ وارو.

– **سُوْرَڻُ ج سُوْرَڻَ (ل):** ذ. چوپائي مال کي وِيامڻ وقت ايذاءُ اچڻ – درد ٿيڻ – سُور لڳڻ.

– **سُوْرِياڻِي ج سُوْرِياڻِيُوْنُ (ل):** ٿ. ٻار ڄڻائڻ واري – دائي.

– **سُوْرِيْتو ج سُوْرِيْتا:** ذ. صفت. سورائتو – درد وارو – دردي – غم وارو – غمگين – ڏک وارو – درديلو – ڏکويل.

– **سُوريو ج سُوريا (ل):** ذ. صفت. سُورَ وارو – سوريتو سورائتو.

• **سورا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سوراٺي (ل – ک):** اسم خاص. هڪ گاهه جو قسم.

• **سوراجُ ج سوراجَ:** ذ [سن. سُوراجيه: سوَ = پنهنجو + راجيه = راج] پنهنجو راڄ – آپشاهي – خود حڪومت – خودمختياري – آزاد حڪومت.

• **سوراجُ ج سوراجَ:** ذ. سوراج.

• **سوراچند:** اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سوراخُ ج سوراخَ:** ذ. [ف. سوراخ = ٽنگ] ٽنگ – ڳڙک – سَلُ – ڇيد. رَوزن. دَرزَ – ڏَر – ڏرو – گهِبو. موري – پوزَ – خال.

– **سوراخُ پوڻُ:** ٽنگ پوڻ – درز پوڻ – ڇيد پوڻ – خال پوڻ.

– **سوراخدارُ ج سوراخدارَ:** ذ. [ف. سوراخ + دار = وارو] ٽنگ وارو.

– **سوراخ ڪرڻُ:** ٽنگ ڪرڻ – ڇيد ڪرڻ.

• **سورارو ج سورارا (ٿ):** ذ. صفت. بختاور – خوش نصيب – بخت وارو – سدورو – ڀاڳن ڀريو – سڀاڳو – نيڪ بخت.

• **سورانگُ ج سورانگُوْنُ (ل):** ٿ. سَوڙ – رضائي – لِحاف.

• **سورانگهڻُ:** مصدر. اورانگهڻ – برانگهڻ مٿان وک پوڻ. "چڪيم چگائي. سُورانگهي سُوريءَ تان" (شاهه).

• **سورَبَ ج سورَبُوْنُ:** اسم خاص. هڪ ٻوٽيءَ جي ميرانجهڙي رنگ تي پاڙ. مربي ۾ ڪم ايندڙ.

• **سُورَتَ ج سُورَتُوْنُ:** ٿ. (ع. سُورة) قرآن شريف جو ڪو باب يا حصو – سُورة – سُورَ.

• **سُورَتِ:** اسم خاص. بمبئي علائقي ۾ شهر جو نالو. انگريزن جي اوائلي واپار جي اوائلي ڪوٺيءَ وارو شهر.

• **سُورتِي ج سُورتِيُوْنُ (ل):** ٿ. (پورچوگيز = سورتَ) شرط – لاٽري – قسمت آزمائي. (اسم خاص. هڪ گاهه ۽ گل جو قسم.

• **سورَٺُ:** ٿ. اسم خاص. [سن. سوراشٽر] هڪ راڳڻيءَ جو نالو. راءِ ڏياچ جي زال جو نالو. ٿه صفت. سُهڻي. حسين (زال).

– **سورٺيو ج سورٺيا:** ذ. سورٺ ملڪ جو. سورٺ سر جي ڳائڻ وارا. مڱڻهار.

• **سُورَجُ ج سُورَجَ:** ذ [سن. سُوريه = سج] سج – شمس – آفتاب – خورشيد. سج – تڙڪو – ڪاڙهو. (اسم خاص). هڪ گل جو قسم. سورج مُکي.

– **سُورَجَ بنسي:** اسم خاص. [سن. سوريه + ونش = اولاد] سج جو اولاد سڏائيندڙ. راجپوتن جو سورج گهراڻو – سورج ونسي.

– **سُورَجَ سَنسارُ:** ذ. [سن. سوريه + سنسار = جهان] نظام شمسي – سورج منڊل.

• **سُورَجَ گرهڻُ:** ٿه [سن. سوريه + گرهن = گرفتاري – پڪڙ] سج گرهڻ – ڪسوف – گرفتگيءَ آفتاب. سج جي جهلڪڻ جي حالت.

• **سُورَجُ گُلُ:** ذ. [سن. سوريه + ف. گل] گل جو هڪ قسم – سورج مُکي – سورج منڊل.

• **سُورَجُ مُکِي:** اسم خاص. گل جو هڪ قسم – سورج گل – سورج منڊل – هڪ قسم جو هميشه سج ڏانهن منهن ڪندڙ گل. ٿري ٻرت جو هڪ نمونو (سورج مکي گل جي نموني تي).

– **سُورَجُ مُکِي گُجُ (ٿ):** ذ. هڪ قسم جو ٻرت ڀريل گج. صرف ٽِڪن ۽ ٻرت جي گلڪارين سان.

• **سُورَجُ مَنڊَلُ:** ذ. شمسي دائرو – پڙ.

– **سُورَجُ مَنڊلي:** ٿ. سورج منڊل – نظام شمي.

• **سُوْرَجُ وَنُ ج سُوْرَجَ وَنَ:** ذ. سج جهڙو سهڻو – ڏجا وارو – چمڪندڙ – تجليدار – ڀبڪيدار.

– **سُورَجَ وَنسي:** ذ. [سن. سوريه + ونش = اولاد] سج جو اولاد. هندن جو هڪ مکيہ گهراڻو.

– **سُورَجُ وَنشي:** ذ. سورج ونشي خاندان جو راجا – سورج بنسي.

• **سُورجا:** اسم خاص. هڪ گل جو قسم – سُورجان جو گل.

• **سُوْرجانُ:** اسم خاص. هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

• **سُوْرجاڻي:** اسم خاص. ڪَيرٿر جبل ۾ هڪ لڪ جو نالو. تعلقي گونيءَ. ٽنڊي محمد خان تعلقي سجاول ۾ ديهن جا نالا.

• **سُوْر داسُ ج سُوْر داسَ:** ذ. صفت. نابين – انڌو – نابينا – اکين کان

• صُبْحُ ج صُبْحَ، صُبْحُونْ: ذ. ث. (ع). سج اڀرڻ جي مهل – فجر – سحر – پرھ – پريات.

– صُبْحُ ٿيڻُ: ڏينهن نڪرڻ – فجر ٿيڻ – سج اڀرڻ. پرھ ڦٽڻ.

– صُبْحَ جوْ تاروْ: ذ. سج اڀرڻ کان اڳ ۾ پرھ جو چٽو تارو _ وھائو تارو.

– صُبْحَ جي ڏِئي وانگُرُ پساهُ ڳڻَڻُ: تمام پوڙهو ٿيڻ. مرڻ جي ڪنڌيءِ تي هئڻ – پويان پساھ پورا ڪرڻ.

– صُبْحُ دَمُ: ذ. (ع. صبح + ف. دم = وقت – مهل) صبح جي مهل – علي الصباح – وڏي فجر – ڏڪيءَ ويل.

– صُبْحُ شامَ ڪَرڻُ: اج سڀاڻي ڪرڻ. حيلا بهانو ڪري ٽارڻ – ٽٽائڻ. بهانا ڪرڻ.

– صُبْحُ صادِقُ: ذ. (ع. صبح + صادق > صَدَقَ = سچ ڳالهائڻ) نُور جو ترڪو – علي الصبح. فجر – پرھ – ڏڪي – اڇو ڏينهن.

– صُبْحُ ڪاذِبُ: ذ. (ع. صبح + ڪاذب > ڪذب = ڪوڙ ڳالهائڻ) وڏو اسُر. صبح صادق کان اڳ ۾ ٿيل اڇاڻ. جنهن بعد وري اوندھ ٿئي.

– صُبْحُ ڪَرڻُ: رات ڪاٽڻ – رات گذارڻ. سڄي رات جاڳي ڪاٽڻ. اوجاڳو ڪرڻ.

– صُبْحُوئِي: ذ. صفت. صبح جو – صبح وارو.

• صُبْحاڻِي، صُبْحاڙِي (ل): صبوح جو.

• صَبْرُ ج صَبْرَ: ذ. (ع. صَبْرُ > صَبَرَ = ماٺ ۾ رهڻ) چپ – ماٺ – خاموشي – سانت – شانتي. ڌيرج – تحمل – ٿامر – حلم – بردباري. برداشت – توقف – تامل. تسلي – تسڪين – اطمينان. توڪل. قناعت. دير.

– صَبْرُ اچڻُ: ماٺ اچڻ – خاموشي اچڻ – تسلي ٿيڻ – اطمينان ٿيڻ. قرار اچڻ – چين اچڻ. فرحت اچڻ. ٺهمر اچڻ.

– صَبْرُ ٿيڻُ: ماٺ ٿيڻ – چپ ٿيڻ. برداشت ٿيڻ. تسلي ٿيڻ.

– صَبْرُ جا ڪوْتَ ڀڃڻُ: بي صبري اختيار ڪرڻ – وس کان بي وس ٿيڻ. آپي کان ٻاهر نڪرڻ.

– صَبْرُ ڪَرڻُ: ماٺ ڪرڻ – چپ ڪرڻ – سانت ڪرڻ. ڌيرج ڪرڻ. برداشت ڪرڻ – تحمل ڪرڻ – سهڻ.

– صَبْرُ وَ شُڪْرُ ڪَرڻُ: ڪنهن مصيبت وغيره ۾ چپ رهڻ. تڪليف ۾ تحمل ڪرڻ ۽ خدا جو شڪر بجا آڻڻ.

• صَبُوحُ: ذ. (ع. صُبح) سج اڀرڻ جي مهل – صُبح – صَباحُ.

• صَبُوڙِي ج صَبُوڙِيُونْ (ٿ): ث. صبح جو ڪاڌو – نيرن – ناشتو – نيراڻ.

• صَبِيُ: صفت. سولو – سوکو – آسان.

• صَبِيْحُ ج صَبِيْحَ: ذ. صفت. (ع. صبيح > صَبَحَ = سهڻو ٿيڻ) اڇو – گورو. سهڻو – خوبصورت – ملوڪ – حسين.

• صَحابُ: ذ. (ع. صحاب > صَحَبَ = ڪنهن سان تعلق رکڻ) يار – دوست. اصحاب. رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جا ساٿي.

– صَحابَتَ ج صَحابَتُونْ: ث. تعلق – لاڳاپو.

– صُحابتَ ج صُحابَتَ: ذ. صفت. ڪل مک. هردل عزيز – وڻندڙ – چئيوان – فرمانبردار. حليم. سدورو.

– صَحابِي – صَحابِي: ذ. صفت. حضور مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جو ساٿي – اصحاب.

– صَحافَتَ ج صَحافَتُونْ: ث. لکڻ جو هنر – اخبار نويسي.

– صَحافِي ج صَحافِي: ذ. صفت. (ع. صَحَف = لکڻ) اخبار لاءِ لکندڙ – اخبار نويس.

• صُحْبَتْ ج صُحبَتُونْ: ث. (ع. صحبت > صَحَبَ = تعلق رکڻ) ياري – دوستي – سنگت. همراهي – ساٿ – مدد – ميل جول – ميل ميلاپ – ملاقات. عورت سان گڏجي سمهڻ – همبستري.

– صُحْبَتْ جوْ اَثَرُ ٿيڻُ: دوستيءَ ۾ گڏ اٿڻ ويهڻ ڪري ٻين جي عادتن جو غالب پوڻ.

– صُحْبَتْ رَکَڻُ: سنگت رکڻ – دوستي رکڻ – ياراني ڳنڍڻ.

– صُحْبَتْ ڪَرڻُ: ميلاپ ڪرڻ – ياري ڪرڻ – سنگت ڪرڻ مجامعت ڪرڻ.

– صُحْبِتِي ج صُحْبتِي: ذ. صفت. يار – ساٿي – سنگتي – رفيق – دوستي وارو – دوست. ناتي وارو – گهاٽو دوست.

– صَحبِي ج صَحبِي: ذ. صفت. (ع) صحبت ڪندڙ – صحبتي. سنگتي – دوست. اصحبي.

• صُحْبَتْ مَرِي: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• صِحَتْ ج صِحَتُونْ: ث. (ع. صحت > صحّ = تندرست رهڻ) تندرستي – چڱڀلائي – نرائي – شفا. دستي – تصحيح.

– صِحَتْ بَخْشُ ج صِحَتْ بَخْشُ: ذ. صفت. (ع. صحت + ف. بخش > بخشيدن = مفت ڏيڻ) تندرستي بخشيندڙ – شفا ڏيندڙ. فائدو ڏيندڙ – مفيد.

– صِحَتْ جانُ: ث. (ع. صحت + ف. جان = جسم) چڱڀلائي – نرائي. شفايابي – تندرستي.

– صِحَت خانوْ ج صِحّت خانا: ذ. (ع. صحت + ف. خانہ = گهر) ڪاڪوس – پاخانو – جاءِ ضرور – پٽي – بيت الخلا.

– صِحَتوْ ج صِحّتوا: ذ. صفت. تندرست – چاق – شفاياب.

– صِحَتْ سَنِيْهَ ج صِحّتْ سَنِيْهَ (س): ذ. صفت. چڱڀلائي جي خوشخبري ڏيندڙ.

– صِحَتْ ڪسڻ: تندرستي حاصل ٿيڻ – تندرست ٿيڻ – شفاياب ٿيڻ. سکيو ٿيڻ. تازو توانو ٿيڻ.

— **طَمْعدارُ ج طَمْعدارَ:** ذ. صفت. (ع. طمع + ف. دار > داشتن = رکڻ) طمع رکندڙ — لالچي — لوڀي.

— **طَمْعِيُ ج طَمْعِيَ:** ذ. صفت. طمع وارو — طمعو — ٺاماعو — لالچي.

• **طَمَنْچو ج طَمَنْچا:** ذ. (ف) ننڍڙي بندوق — پستول — تپاچو.

• **طَنابَ ج طَنابُونَ:** ث. (ع. طُنُبَ ج طناب = تنبوءَ جي رسي) طنبوءَ جي رسي. زمين ماپڻ جي رسي. بازيگرن جي نوڙي. ڏوري — رسي — نوڙي — ڏور.

— **طَنابِيُ ج طَنابِيَ، طنابِيُون:** ذ. ث. صفت. رسي سان زمين وغيره جي ماپ ڪندڙ — طناب — توريندڙ. طنبور جي تُنبي. طول جي ماپ — روينيو جي ماپ.

• **طَنْبُوُ ج طَنْبُوَ:** ذ. ڪپڙي جو ناهيل اڏيل گهر. خيمو.

• **طَنْبُوْرُ ج طَنْبُورَ:** (ع). ساز جو هڪ قسم — وڏي ڳِن سان تارن وارو ساز جيڪو آڱرين سان وڄي.

• **طَنْبُورو ج طَنْبُورا:** ذ. (ع). ساز جو هڪ قسم — دَنبورو.

• **طَنْزَ ج طَنْزُونَ:** ث. (ع).ناز نخري سان ڳالهه ڪرڻ جي حالت. طعنو — مهڻو — اوپالو. اهل — ويچارا — ٺٺول — مسخري — ٽوڪ — چٿر.

— **طَنْزْ ڪَرڻُ:** طعنا هڻڻ. ويچارا ڏيڻ — ٺٺول ڪرڻ.

• **طَوافُ ج طَوافَ:** ذ. (ع. طواف > طوف = چوڌاري ڦرڻ) چوڌاري ڦرڻ جي حالت — ڦيرو — گهمرو. ڪعبةالله جي چوڌاري ڦرڻ جي حالت.

— **طوافُ ڪَرڻُ:** چوڌاري ڦرڻ — ڦيرو ڪرڻ. ڪعبي جي چوڌاري ڦرڻ.

• **طَوالَتْ ج طَوالَتُونْ:** ث. (ع. طوالت > طول = ڊگهو ٿيڻ) ڊيگهه — طول — لنبائي — واڌ — درازي. زيادتي — واڌارو — گهڻائي.

• **طوائِفُ:** ذ. (ع). طائفه جو جمع — گروهه — ٽوليون (ث). ڪنجري — رنڊي — ڪسٻياڻي — نچڻي — ڳائڻي.

— **طَوائِفُ الْمُلوڪُ:** ذ. بدانتظام ۽ بي اصول حڪمران ۽ حڪمراني — حڪومتي ٻهران جنهن ۾ حڪومت ڪنهن پڪي پائي تي رهي نه رعايا کي ڪي آرام حاصل ٿئي — بادشاهه گردي.

— **طَوائِفُ الْمُلوڪِيُ ج طَوائِفُ المُلوڪِيُون:** ث. بادشاهه گردي — بدانتظامي — انڌير ۽ ظلم. بغاوت ۽ بد انتظامي واري حالت.

• **طُوْبيٰ:** ذ. (ع). تمام خوشبودار — بهشت جي هڪ وڻ جو نالو (جنهن جون ٽاريون هر هڪ جنتي جي جاءِ تي ڇانئيل هونديون).

• **طَوْرُ:** ذ. (ع) طرز — روش — ڍنگ — نمونو — نوع. ريت — هلت چلت. (ظرف). وانگر — طرح — مثل.

— **طَوْرطَريِقُ ج طَوْرطَريِقَ:** ذ. رنگ ڍنگ — هلت چلت — چال چلت — رويّه — برتاءُ.

• **طُوْرُ:** اسم خاص. (ع). هڪ مقدس پهاڙ جو نالو. جو عربستان جي اتر اولهه ۾ آهي جنهن تي يهودين جي پيغمبر حضرت موسيٰ الله سان هم ڪلام ٿيو. جبل سينا.

— **طُوْرِسينا:** اسم خاص. طُور جبل.

• **طوسَ:** ث. پشم جو هڪ قسم (ڪارن. اڇان يا ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل ڀوري رنگ جي).

• **طُوْس:** اسم خاص. (ع). خراسان جي هڪ شهر جو نالو — فردوسي شاعر جو وطن.

— **طُوْسِيُ ج طُوْسِيَ:** ذ. صفت. **طوس** شهر جو رهاڪو. ڪپڙي جو هڪ قسم — خاڪي ڪپڙو.

• **طوطا:** اسم خاص. مرد جو نالو. ٺٽي ضلعي جي ڪلمتي قبيلي جي ملڪ جو نالو ملڪ طوطا.

• **طوطو ج طوطا:** ذ. (ف. طوطي = طوطو) هڪ مشهور پکي جو نالو — مٺو — چتون — طوطو — ٻلو — پوپٽ.

— **طُوطا چَشْمُ ج طُوطا چَشْمَ:** ذ. صفت. (ف. طوطي + چشم + اک) بي مروت — بيوفا — اکين ڏٺڪ.

— **طوطِيُ کي حَقّ و الله يادُ نه رَهڻُ:** بيان ڪرڻ جي طاقت نه رهڻ. زبان تي پاڻي پاڻي هئڻ. ساهه نڪرڻ تي اچڻ — سخت مصيبت ۾ ڦاسجڻ. تمام گهڻي گرمي ٿيڻ.

• **طُوْطِيوُ ج طُوْطِيا:** ذ. (ف). پسارڪي ورر جو هڪ قسم — زهريلي پٿر جو هڪ قسم — توتيو.

• **طَوْعاً:** ظرف. (ع). پنهنجي رضا ۽ خوشيءَ سان — رضامندي سان.

— **طَوْعاً وَڪَرْهاً:** ظرفه خوشي يا ناخوشي. لاچار ۽ ناچار. نفرت سان. زوري — جبراً.

• **طوغينُ، طيغون:** بازدارن جو لفظ. سفيد باز. سڀ کان ڀلو باز.

• **طُوفانُ ج طُوفانَ:** ذ (ع. طوفان > طوف = وڪوڙڻ — چوڌاري ڦرڻ) طوفان — زور واري سخت هوا. ٻوڙيندڙ پاڻيءَ جي اُٿل — کي گهيريندڙ يا تباهه ڪندڙ پاڻي. سخت ڇوهو — آنڌي — جهڪ. (اصطلاح) وڏو هُل ۽ شور. هنگامو ۽ لڙائي. مصيبت — آفت. اوريڪ.

— **طُوفانُ اُٿارڻُ:** تمام گهڻو ڪوڙ ۽ گهڻي گِلا ڪرڻ. بهتان مڙهڻ.

— **طوفانُ اچڻُ:** وڏي جهڪ لڳڻ — آنڌي اچڻ.

— **طُوفانُ بَرپا ڪرڻُ:** فتنه فساد جاڳائڻ — هنگامو ڪرڻ. مانڌاڻ مچائڻ.

— **طُوفانُ کَڙوُ ڪَرڻُ:** مصيبت پيدا ڪرڻ. فساد کڙو ڪرڻ. تڪليف پهچائڻ لاءِ سخت ڪوشش ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. هنگامو ڪرڻ.

— **طُوفانِ نُوحُ:** ذ. حضرت نوح جي زماني ۾ تباهه ڪندڙ طوفان.

— **طُوفانِيُ ج طُوفانِيَ:** ذ. صفت. طوفان جو — طوفان وارو. هوادار. زوردار — زبردست. تکو — تکڙو — جلدي.

• **ظُلمَتْ:** ث.( ع). ظلمات

– **ظُلمَتْ ڪَدَهْ:** ذ. اونداهي جاءِ ـ ڪاراڻ وارو هنڌ.

• **ظَنُّ ج ظَنَّ:** ذ.( ع. ظَنَّ = گمان ڪرڻ) شڪ – شبهو – گمان. انديشو – خيال. ڌاڪو – اٽڪل – تڪ.

• **ظُهْرُ:** ث.( ع). زوال جو وقت – سج لڙئي مهل. ٻن ٻهرن لڙئي جي مهل اڳئين ءِ جي نماز.

• **ظُهُورُ ج ظُهُورْ:** ذ.( ع. ظَهَرَ = پڌرو ٿيڻ) اظهار – پڌرائي – ظاهرائي. وقوع – انڪشاف. صورت – شڪل – ڏيک.

– **ظُهُورُ ٿيڻُ:** ظاهر ٿيڻ.

– **ظُهُورَ ۾ اچڻُ:** ظاهر ٿيڻ – نمايان ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ.

– **ظُهُوروْ ج ظُهُورا:** ذ. اظهار – پڌرائي. جلوو – تجلو.

– **ظُهُوروْ ڏسائڻُ:** ديدار ڪرائڻ.

• **ظَهِيْرُ ج ظَهِيْرَ:** ذ. صفت. ( ع). اٻرو – ناتوان – ڪمزور – ڏٻرو – ضعيف – هيڻو. مجبور – لاچار – بي وس.

– **ظَهِيْرِيْ:** ث. اٻرائي – ضعيفائي – ناتواني – ڪمزوري. لاچاري – مجبوري. پيري – ٻڍاپڻ – وڏپڻ.

# غ

- **غ:** ث (ع). عربي الف ب جو اوڻيهون ۽ فارسي الف ب جو ٻاويهون اکر. سنڌي الف ب جو پنجٽيهون اکر. سنڌس اچار "غَين". ابجد جي حساب موجب عدد هزار (١٠٠٠).
- **غارَ ج غارُون > غار:** ذ. ث (ع). جبل جي سرنگهه – چُر – جانورن جي رهڻ جو اونهون کڏو – وڏي ٻرُ. (ظرف). غرق – ٻڏل. جيئن: "فلاڻو درياءَ ۾ غار ٿي ويو" (صفت). ڇٽ – ناس – نابود – تباهه. "فلاڻا سُل غار ٿئين!" (جملو).
- **غارُ ٿيڻُ:** کڏ پوڻ – اوڙاهه ٿيڻ – اوڙاهه ۾ وڃڻ. ٻڏڻ – غرق ٿيڻ (پاڻيءَ ۾). (دل) هُٻامڻ. (اکيون) ڏرا ڏيڻ. (بيمار جو) ورڪڻ – ڏلڪڻ. (گپ ۾). گپڻ – گپي پوڻ – گسڻ. غائب ٿيڻ – الپ ٿيڻ – گم ٿيڻ –هُرت ٿيڻ – عدم پيدا ٿيڻ. تباهه ٿيڻ – برباد ٿيڻ – ستياناس ٿيڻ – هڙموڙي ٻڏي وڃڻ.
- **غارُ ڪرڻُ:** غرق ڪرڻ – غائب ڪرڻ – الپ ڪرڻ. نابود ڪرڻ – ناس ڪرڻ – فنا ڪرڻ.
- **غارَتَ:** ث (ع). دشمن جي ملڪ جي قيدين ۽ غنيمت جي واسطي ڪيل حملو. مال غنيمت. لٽ – ڦُر. (ظرف). تباهه – برباد – ناس – فنا – اجڙ – ويران.
- **غارَتَ ٿيڻ:** اجڙ ٿيڻ – ناس ٿيڻ – فنا ٿيڻ – برباد ٿيڻ – تباهه ٿيڻ.
- **غارَتگَرُ ج غارَتگَرَ:** ذ صفت. لٽيندڙ – لٽيرو – ڦورو – لوٽو. تباهه ڪندڙ – برباد ڪندڙ.
- **غارَتگرِيْ:** ث لٽ – ڦُر. تباهي – بربادي.
- **غارِ حرا:** اسم خاص. (ع). مڪي شريف جي ٻاهران هڪ جبل ۾ مشهور غار آهي (جتي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن نبوت کان اڳ اچي ويهندا ۽ عبادت ڪندا هئا).
- **غارِيبو ج غارِيبا:** صفت. غريباڻو – غريبن جو. گهٽ قسم جو – عام.
- **غارَيقُونْ:** ذ. (ف). ٻوٽي جو هڪ قسم (مينهن کانپوءِ ڪنڀين وانگر زمين مان خودبخود ابرندڙ). پسارڪي وکر جو هڪ قسم – جلاب طور ڪم ايندڙ هڪ دوا.
- **غازاڻِيْ:** اسم خاص. جن جي هڪ قبيلي جو نالو.
- **غازُو:** ذ. (ف. غازَه) خوبصورتي لاءِ منهن جي رنگ اجي ۽ صاف ڪرڻ لاءِ هڪ خوشبوئدار اڇو پائوڊر. "دامن کان رشڪ گل جي اُڏي باغ ۾ جو خاڪ، بڻجي وئي سا غازو عروس بهار جو" (نامعلوم).
- **غازَه:** ذ. (ف). چپن يا ڳلن کي ڳاڙهي ڪرڻ جو روغن. لالي – سرخي.
- **غازِيْ ج غازِيْ:** ذ صفت (ع. غزا = جنگ) جهاد ڪندڙ – مجاهد. "پاڻ مري ته شهيد ۽ ماري ته غازي". شجاع – بهادر.
- **غاسِلُ ج غاسِلَ:** ذ (ع). ميّت کي وهنجاريندڙ – ميت کي غُسل ڏيندڙ – غسال.
- **غاشُو ج غاشا:** ذ. ع. غاشَه گهوڙي جي زين – گاشو (اٺ ۽ گهوڙي جو). هني جو پوش.
- **غاصِبُ ج غاصِبَ:** ذ. صفت (ع). پرائو حق غصب ڪندڙ – ٻئي جو مال هڙپ ڪندڙ.
- **غاصِبُ ج غاصِبَ** ذ صفت (ع). ڪاوڙ ڪندڙ – ظلم ڪندڙ – ظلمي.
- **غافِلُ ج غافِلَ:** ذ. صفت. (ع. غَفَل = مدهوش ٿيڻ) غفلت ڪندڙ – ويسريو – اويسلو – ڪاهل – ڍرو – سُست – ٽوتي. بي ڌيان – بي سانگو. بي سوچ – بي فڪر – بي احتياط.
- – **غافِلاڻو ج غافِلاڻا:** ذ. صفت. بي فڪريءَ جو – غافل جو. غفلت وارو.
- – **غافِلائِيْ ج غافِلائِيُونْ:** ث غفلت ويسر – نسياني. ڳهلائي – سستي – ڍرائي. بي ڌياني – بي سرتي – بي احتياطي. بي خيالي – بي فڪري.
- – **غافِلِيْ:** ث. سستي – غفلت – بي ڌياني – ڳهلائي – ڍرائي. لاغرضائي. لاپرواهي – غفلت.
- **غافِلائِڻُ:** مصدر. غافل ٿيڻ – غفلت ڪرڻ. لاپرواهه ٿيڻ – بي فڪر ٿيڻ – ڪاهلي ڏيکارڻ – الغرضائي ڪرڻ – بي ڌيانو رهڻ.
- **غالِبُ ج غالِبَ:** ذ. صفت. (ع. غَلَبَ = هن سوڀ کٽي) غلبو ڪرڻ وارو – زور پوندڙ – قابض – مسلط – حاوي. فاتح – فتحياب – جيتيندڙ – غلبو ڪندڙ – قبضو ڪندڙ.
- – **غالِبُ پوڻُ:** جيتڻ – غلبو ڪرڻ – کٽڻ – سوڀ پائڻ – فتح ڪرڻ. سوڀارو ٿيڻ.
- **غالِباً:** ظرف (ع. غَلَبَ = غالب ٿيو) گهڻو ڪري – اڪثر ڪري – ضرور – يقيناً. شايد – گمان آهي.
- **غالِيچو ج غالِيچا:** ذ (ف). اُن يا پشم مان ٺهيل گلڪاريءَ سان وڄائو – قالين.
- **غامِرڪي:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **غائِبَ ج غائِبَ:** ظرف (ع). غير موجود – غير حاضر – مخفي.
- – **غائِبانَہ:** صفت. غير حاضريءَ وارو – غير موجودگيءَ وارو. ڳجهو – لڪل.

# A COMPREHENSIVE DICTIONARY OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

## (REVISED EDITION)

## Volume –II (ج - ق)


**Author & Editor**

N.A. BALOCH

M.A.LL.B (M.U. Aligarh)

M.A.Ed.D. (Columbia, New York)



SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

HYDERABAD-SINDH

PAKISTAN

2017 A.D

New
# Comprehensive Sindhi Dictionary

Volume II(ج - ڦ)

By

*Dr. N. A. Baloch*

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

ISBN 978-9-6962513-4-7